هڪ اهڙي فلسفي ۽ شاعر جي داستان حيات، جيڪو هڪ آزاد خيال مفڪر هئڻ سان گڏوگڏ سائنسي علمن جو مالڪ پڻ هو ۽ مسلم سائنس ۽ فلسفي تي اهڙا تہ اڻ مٽ نشان ڇڏيا آهن جو اڄ تائين انهيءَ جو پڙاڏو سموري دنيا ۾ ٻڌجي ٿو.

# عمر خيام

الطاف ملڪاڻي
ع
ڊاڪٽر نورناز جهتيال

## عظيم شاعر، سائنسدان جي زندگيءَ جو احوال

نيشاپور جي جامع مسجد ڪان باغ ڏانهن ويندڙ رستي تي ٻنهي پاسن کان بيٺل گهاٽا وڻ هر موسم ۾ پنهنجي ڇانوَ سبب رستي تان گذرندڙ مسافرن کي فرحت بخشيندا هئا. انهيءَ رستي سان لڳولڳ ساڄي طرف انگورن جو باغ هو. انهيءَ باغ جي وچ ۾ هڪ جاءِ تي ٿڌي مٺي پاڻيءَ جو چشمو هو ۽ انهيءَ چشمي تان شهر جون نازڪ نفيس ۽ خوبصورت ناريون دلا مٽ کڻي نہ رڳو پاڻي ڀرينديون هيون، پر انهن جي ڪچهريءَ جو مرڪز پڻ اهو چشمو هوندو هو. جتي اهي هڪ ٻئي سان چرچا ڪندي، گلا غيبت بہ ڪنديون هيون تہ عورتاڻي قسم جون سڀ مشڪريون اتي ٿينديون هيون ۽ اهو باغ پرسان گذرندڙ نوجوانڙين جا ٽهڪ ٻڌندو اڳتي وڌندو انگورن جي باغ ڪٽڻ ڪانپوءِ ڪتاب فروشن جي هڪ پاڙي ۾ پهچي ويندو هو. انهيءَ ڪتب فروش جي پاڙي ۾ سڀ کان وڏو دڪان ياسمين جي پيءُ جو هو. ياسمين، ڪتاب وڪرو ڪرڻ واري ڏنڌي ۾ پنهنجي پيءُ جي مدد ڪندي هئي. دڪان جي صفائي ڪرڻ، ڪتابن ۽ قلمي نسخن جي احتياط سان ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۽ صفائي ڪرڻ، پيءُ کي پاڻي پيارڻ ۽ ٻيا ننڍا وڏا ڪم ڪرڻ هن جي ذميوارين ۾ شامل هئا. هن کي دڪان تي ويهڻ سٺو نہ لڳندو هو، پر اها هن جي مجبوري هئي. هن کي سڀ کان گهٽي ڪاوڙ پنهنجي ننڍي عمر تي ايندي هئي، جنهن ڪري شهر



این قافله عمر عجب میگذرد

دریاب دمی که با طرب میگذرد

مغرور آهي جو ڪنهن سان ڳالهائي به نه ٿو..."

"نه، عمر سنجيده ۽ علم وارو آهي. هو مدرسي ۾ استادن کان اهڙا اهڙا سوال پڇندو آهي جو هن جي ذهانت کان استاد به چرڪيل رهندا آهن. باقي رحيم زادو، امير پيءُ جو پٽ آهي. هن کي علم جي ڪا خبر ڪانهي. هو ته دولت جي ڪري خوش آهي."

پر ياسمين جي دل رحيم زادي ڏانهن مائل رهي ۽ عمر لاءِ هن وٽ ڪوبه پسنديده جذبو ڪونه هو.

پوءِ ڏينهن اهڙو عجيب اتفاق ٿيو جنهن ياسمين جي دل ۾ عمر جي محبت جا ڏيئا ٻاري ڇڏيا ۽ هن کان رحيم زادو وسري ويو.

ٿيو هيئن جو ان ڏينهن ياسمين جي ٻلي "مانو" ڪي شرارت سجهي سو هوءِ ياسمين جي جهوليءَ مان ٽپو ڏئي هيٺ لهي ۽ رستي تي ڊوڙڻ لڳي. ڪجهه شرارتي ٻارن ٻليءَ کي ڏسي پٿر هنيا ته ٻلي ڊوڙندي هڪ ڊگهي وڻ تي چڙهي وئي. ياسمين به پنهنجي پياري ٻليءَ جي پٺيان وڻ تي چڙهي وئي، پر هاڻ هوءَ هيٺ نه ٿي لهي سگهي. ڪيس ڊپ ٿي رهيو هو. ياسمين رستي تي ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي مدد لاءِ سڏي رهي هئي، پر هن ڏانهن ڪنهن به ڌيان نه ڏنو. سواءِ عمر جي. عمر وڻ جي هيٺان بيهي

ٻئي ٻانهون کولي ياسمين کي چيو، "تون ڊڄ نه اکيون ٻوٽي هيٺ ٽپو ڏي، مان پاڻيهي ٻانهن ۾ توکي سنڀالي وٺندس."

"نه، نه، ڌڪ لڳندو."

"تون، مون تي ڀروسو ڪر. مان توکي ڌڪ لڳڻ نه ڏيندس." عمر جي لهجي ۾ تمام گهڻو اعتماد هو. نيٺ ياسمين هيٺ ٽپ ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو. هن پنهنجي ٻليءَ کي ڀاڪر وڌو ۽ اکيون ٻوٽي هيٺ ٽپ ڏنائين. ٿوري ئي دير ۾ هوءَ عمر جي ٻانهن ۾ اچي پئي ۽ هن جا چپ عمر جي چپن سان اچي لڳا. انهيءَ خيال کان ته هوءَ هڪ نوجوان جي ٻانهن ۾ آهي، سندس بدن ۾ سياٽا پئجي ويا.

"هاڻ ڇڏ به ڪٽي." ياسمين، عمر جي ٻانهن مان پاڻ کي ڇڏائيندي چيو.

"تون هٽ ڪندينءَ ته مان به ڇڏيندوسانءِ نه!" عمر جواب ڏنو ته ياسمين کي احساس ٿيو ته عمر کي ته هن پاڻ به ڀاڪر پائي رکيو آهي. هن هڪدم پنهنجي پڪڙ ڍري ڪئي. سمورو ڏينهن توڙي پوري رات هن جي خيالن ۽ خوابن ۾ عمر ايندو رهيو ۽ ان ڏينهن کانپوءِ سندس سوچن ۾ عمر ئي گهوڙي سوار شهزادو بنجي ايندو هو. ياسمين جي دل ۾ عمر لاءِ محبت جا جذبا جاڳي پيا هئا. ياسمين جي اها حالت هئي جو جڏهن عمر سندس

دڪان تي ايندو هو ته هوءِ هن جي هر چرپر کي غور سان ڏسندي هئي. هاڻ هن کي اها به خبر پئجي وئي هئي ته عمر کي ڪهڙا ڪتاب پسند آهن. انهن مان هڪ ڪتاب ته هو بار بار پڙهڻ لاءِ کڻي ويندو هو. انهيءَ ڪتاب ۾ عجيب و غريب چوڪنديون، ٽڪنديون تصويرون ۽ ابتيون سبتيون ليڪون هيون. عمر اهو ڪتاب ڪيترائي ڀيرا پڙهي چڪو هو. هڪ ڏينهن ياسمين چا ڪيو جو عمر جو پسنديده ڪتاب ٻين ڪتابن پٺيان ڪٻٽ ۾ لڪائي ڇڏيو. ٿوري ئي دير ۾ عمر ۽ ان جو دوست رحيم زادو، دڪان ۾ آيا. رحيم زادو ته ياسمين کي اکين ۾ ڏسڻ ۽ هن جي حسن جي تعريف ڪرڻ ۾ لڳي ويو، جڏهن ته ٻئي پاسي عمر پنهنجي پسند جو ڪتاب ڳولڻ ۾ لڳي ويو هو. جيڪو ياسمين لڪائي ڇڏيو هو. وري اوچتو ياسمين انهيءَ ڪٻٽ کي لوڏو ڏنو، جتي هن ڪتاب کي لڪايو هو. ڪتابن جو ڍير اچي پٽ تي پيو. ڪتابن جي ڍڪ ۾ ڳاڙهي جلد وارو عمر جو پسنديده ڪتاب پيو هو. ياسمين جهٽ ڏئي ڪتاب کنيو ته ان جو هڪ صفحو ڦاٽي پيو. ان وچ ۾ ياسمين جو پيءُ دڪان ۾ اندر داخل ٿيو. هن، ڌيءَ جي شرارت کانئ ڏٺي هئي، سو هن جو ڪتاب ڦاٽل ڏٺو ته ڪاوڙ سبب سندس پيشانيءَ تي گهنج اچي ويا. عمر به هن جي ڪاوڙ سمجهي ورتي هئي ۽ يڪدم چيائين "هيءُ سڀ ڪجهه مون ڪان ٿيو آهي. مان هيءُ ڪتاب خريد ڪندس، ڪيتري قيمت ٿيندي هن جي..؟"

"هيءُ اقليدس جو ڪتاب آهي. اصل تصويرن ۽ خاڪن سان گڏ، انتهائي ناياب نسخو آهي. نيشاپور جي مدرسي جي لائبريريءَ ۾ به اهڙو نسخو موجود ڪونهي. هن جي قيمت جي خبر اٿئي! وڏو آيو آهين ڪتاب خريد ڪرڻ وارو!"

ياسمين جو پيءُ ڪاوڙ ۾ ڪڙهي رهيو هو. انهيءَ وچ ۾ عمر جي دوست رحيم مداخلت ڪئي ۽ چيائين، "هيءُ ڪتاب مان خريد ڪندس. ابراهيم جي پٽ عمر لاءِ مان اهو ڪتاب علم جي شوقين عمر کي سوکڙيءَ ۾ ڏيڻ ٿو چاهيان."

عمر خوش ٿي ويو ۽ هن، انهيءَ ناياب نسخي کي کڻي سيني سان لاتو.

پوڙهي ڪتاب وڪرو ڪندڙ موٽ ۾ ڪجهه چوڻ پيو چاهيو ته وري رحيم يڪدم ڳالهايو، "نه نه، بابا. اهو نه ڇئجانءِ ته اقليدس جي ڪتاب جو هيءُ اهو ئي نسخو آهي، جيڪو سلطان محمود پاڻ سان گڏ تخت آندو هو ۽ هن جي جلد تي سون جو پاڻي چڙهيل آهي. مان سمجهان ٿو ته هن ڪتاب جي قيمت چوڏهن

هئي. اهو ماڳ نيشاپور کان اٺن جي قافلي جي پنجن ڏينهن جي پنڌ تي هو. هتي سلطان الپ ارسلان عيسائي لشڪر جي انتظار ۾ هو. سلطان الپ ارسلان جو مشڪرو جعفر پنهنجي گڏهه تي ويٺل هو ۽ ڳوڙهي سوچ ويچار ۾ ٻڏل هو. جعفر، سلطان جو درٻاري مشڪرو هو ۽ سلطان کي کلائيندو رهندو هو. پر هاڻ هن کي اندازو ٿي ويو هو ته ايندڙ جنگي معرڪو معمولي ناهي، چاڪاڻ ته سلطان ايترو سنجيده ٿي ويو هو جو ان کان کلڻ ئي وسري ويو هو. عيسائين ۽ مسلمانن ۾ گذريل ڇئن صدين کان ويڙهه هلي رهي هئي. هن وقت تائين الپ ارسلان قسطنطنيه جي عيسائي بادشاهه جي مختلف قلعن تي قبضو ڪندو رهيو هو. سلطان جي انهن ڪارروائين کان تنگ ٿي قسطنطنيه جي بادشاهه الپ ارسلان سان هڪ هڪاٽي ڪرڻ جو سوچيو هو. انهيءَ مقصد لاءِ هن پنجهتر هزار ماڻهن تي ٻڌل فوج جوڙي هئي. جڏهن ته انهيءَ جي مقابلي ۾ الپ ارسلان وٽ رڳو پندرنهن هزار فوجي هئا ۽ انهيءَ ڪري الپ ارسلان جي فوجين ۾ بيچيني ڇانيل هئي ته ڀلا پندره هزار فوجي ڪيئن ٿا پنجهتر هزار فوجين جو مقابلو ڪري سگهن!

هن وقت تائين ته سلطان الپ ارسلان، عيسائين مٿنا راتاها هنيا هئا يا گوريلا جنگ ڪئي هئي. حملو ڪري پٺتي هٽي اچڻ، رات جو اوچتو حملو ڪرڻ، انهيءَ حڪمت عمليءَ سبب سلطان دشمن کي ڪافي نقصان پهچايو هو. پر هاڻي دوبدو جنگ جو اهو پهريون موقعو هو ۽ انهيءَ ۾ سلطان جي جنگي سالارن جي سوچ هئي ته هن واري سلطان کي شڪست ملندي.

"هرگز نه!" جڏهن سلطان کي خبر پئي ته سندس ساٿي مقابلي کان اڳ ئي دل هاري رهيا آهن ته هن شينهن واري گجگوڙ ڪندي چيو، "هرگز نه! اهو قسمت جي ڪتاب ۾ لکيل آهي ته اڳ جيان هن ڀيري به رومين کي شڪست ملندي ۽ اسان سوڀارا ٿينداسين."

سلطان جي اهڙي دعوي تي جعفر چرڪ ڀري بادشاهه ڏانهن ڏٺو. هن کي هن جي چهري تي هڪ پختو عزم نظر اچي رهيو هو.

++++++

رحيم سج اڀرڻ کان اڳ ئي سجاڳ ٿي ويو هو. هن پنهنجي تلوار کي ٻارهون ڀيرو تکو ڪرڻ لاءِ ڀرمڪ کي ڏني ۽ ٻئي نوڪر کي ڪارو گهوڙو تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنائين ۽ ٽڪرو ڪجهه ڪجيون کائي مٿان کير پيتائين. ناشتي کان واندو ٿي هو گهوڙي تي سوار ٿيو ته هن ڪجهه مفاصلي تي ڪجهه گهڙي سوارن کي

ويندي ڏنو. اهي ترڪ فوجي هئا، جن کان معلوم ٿيو ته هيٺ واديءَ ۾ صبح کان ئي جنگ شروع ٿي چڪي آهي. رحيم پنهنجي سردار سان گڏ، جنهن نيشاپور مان مسلم فوج لاءِ جوان ڀرتي ڪيا هئا، تيزيءَ سان جنگ جي ميدان ڏانهن وڌيو. رومي فوجين مٿان مسلمان بهادرن جا حملا جاري هئا.

"هو آهي اسان جو سلطان!" ڪنهن سپاهيءَ رڙ ڪئي.

رحيم رڪاب ۾ پير چمايو ۽ اوڏانهن ڏٺو. سلطان الپ ارسلان اڇي رنگ جي گهوڙي تي تلوار جا جوهر ڏيکاري رهيو هو. سندس چوڌاري ترڪ سردارن جو هڪ جٿو حفاظت لاءِ موجود هو. تلوارون چمڪنديون رهيون، مسلمان سپاهي بيجگريءَ سان وڙهيا ۽ رومي فوج کي ماڪوڙين جيان ماريندا رهيا. نيٺ جڏهن شام جي سرمائي ڦهلجڻ لڳي ته ڏوڙ ۽ دز جي هلڪي اونداهيءَ ۾ رومين کي فاش شڪست آئي. هزارين رومي سپاهي قيدي بنايا ويا ۽ هزارين مارجي ويا. باقي فرار ٿي ويا. هر طرف پهاڙن ۾ تڪبير جا نعرا گونجهي رهيا هئا. نيٺ فوجي دستن کي آرام ڪرڻ، نگراني ڪرڻ ۽ قيدين جو خيال رکڻ جو حڪم ڏنو ويو. جنگ بند ٿي وئي. رات آرام سان گذري. صبح جو سوير سڄ اڀرڻ جا نغارا وڄڻ تي فوجي قافلي ۾ سجاڳي اچي وئي. رحيم ڏونٺ هڻي عمر کي سجاڳ ڪيو. عمر طبيعت خراب هئڻ جو بهانو ڪري پاسو ورائي سمهي رهيو. ڪافي دير ڪانپوءِ جڏهن عمر هنڌ تان اٿيو ته خيمي ۾ ڪير به نه هو.

هو خيمي کان ٻاهر آيو ته اتي هن هڪ محافظ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي به نه ڏٺو. پڇڻ تي محافظ، عمر کي ٻڌايو ته ڪوڙ سارا سپاهي دشمن جي لشڪر مان غنيمت جو مال لٽڻ ويا آهن. عمر پرسان پاڻيءَ جي چشمي مان منهن ڌوتو ۽ خيمي ۾ اچي ڪُجين ۽ ڪير سان ناشتو ڪيو ۽ پنهنجا هٿيار ساڻ ڪٽي ٻاهر نڪري آيو. ڪجهه گهڙين ڪانپوءِ هو گهوڙي تي سوار ٿي رومي لشڪر جي پڙاءَ واري جاءِ ڏانهن روانو ٿي ويو. عمر، رحيم کي هڪ وڏي خيمي پرسان بيٺل ڏٺو ته هن جا نوڪر ۽ ساٿي خيمي مان شيون ميڙي چونڊي آڻي رهيا هئا ۽ هڪ جاءِ تي ڍير ڪري رهيا هئا. اهي ٻارن جيان خوشيءَ ۾ ڏانهون ڪوڪون به ڪري رهيا هئا. اوچتو رحيم جو هڪ ملازم خيمي جي اندران هڪ خوبصورت رومي ناريءَ کي گهلي وٺي آيو. اها خوبصورت ڇوڪري هيسيل هرڻيءَ جيان لڳي رهي هئي.

يوءَ عمر کي خبر پئي ته انهيءَ بازنطيني ڇوڪريءَ جو نالو زويا هو ۽

ڪنهن رومي سردار جي ٻانهي هئي.
هو اجا غنيمت جو مال گڏ ڪري رهيا هئا جو اوچتو ڪٿان لوهي ٽوپ پاتل رومي فوج جو دستو مٿن اچي ڪڙڪيو ۽ جيستائين عمر ۽ رحيم جا ساٿي پاڻ سنڀالين، انهن مٿانئن حملو ڪري ڏنو. بهرحال ڪجهه ئي دير ۾ رومي فوج جا سپاهي فرار ٿي ويا. پر رحيم انهيءَ ويڙهه ۾ سخت زخمي ٿي پيو هو. عمر هڪدم گهوڙي تان لهي هيٺ ڪريل رحيم جو مٿو پنهنجي جهوليءَ ۾ رکيو ۽ هن جا زخم صاف ڪرڻ لڳو. پر رحيم آخري ڀيرو حسرت سان پنهنجي دوست جي چهري ڏانهن ڏٺو ۽ وڏو ساهه کڻي دم ڏنائين. رحيم جي اوچتي موت سڀني کي حيران پريشان ڪري ڇڏيو هو.
ڪجهه گهڙين لاءِ ماٺار ڇانئجي وئي.
پوءِ رحيم جو خاص ملازم اڳتي وڌيو ۽ رومي ڇوڪريءَ کي وارن کان جهليندي چيائين، "خون جو بدلو خون. هن اسانجي سردار کي ماريو آهي، اسان انهن جي هن خوبصورت دوشيزه کي قتل ڪنداسين."

"ڇريو نه ٿيءُ." عمر رڙ ڪئي، "هن بيگناهه جو ڪهڙو ڏوهه آهي؟"
پوءِ عمر انهيءَ خوبصورت ڇوڪريءَ کي خيمي ۾ اندر وڃڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ ٻين ساٿين جي مدد سان رحيم کي هڪ خيمي ۾ کڻي ويو.

اڳين نماز ڪانپوءِ درياهه جي ڪناري تي هڪ مٿاهين ماڳ تي هڪ وڻ هيٺان رحيم کي دفن ڪيو ويو. عمر، رحيم جي قبر جي سيرانديءَ کان ويٺي سوچي رهيو هو ته زندگي ڪيڏي نه بي ڀروسي آهي. يرمڪ به روئي رهيو هو. شام تائين عمر دوست جي قبر جي سيرانديءَ کان ويٺو رهيو. ڄڻ ته مٽيءَ هيٺان ستل دوست سان ڳالهائي رهيو هو.

"اي منهنجا پيارا دوست! منهنجا ڀاءُ رحيم! تنهنجو جسم ته بس هڪ خيمو هو، جنهن ۾ تنهنجو روح ڪجهه ڏينهن لاءِ ترسيو هو ۽ هاڻي انهيءَ خيمي ۾ رهندڙ مسافر روح هڪ ڊگهي سفر تي روانو ٿي ويو آهي ۽ هڪ ڏينهن مونکي به انهيءَ سفر تي روانو ٿيڻو آهي ۽ شايد انهيءَ سفر دوران ڪٿي اسانجي ملاقات به ٿي وڃي."

اتان ڪان ٿورو پرڀرو واديءَ ۾ سج لهڻ کان اڳ سلطان الپ ارسلان جو شاهي خيمو جوڙيو ويو هو. جڏهن سلطان شاهي تخت تي جلوه افروز ٿيو ته قيدي حڪمران رومانوس کي سندس اڳيان پيش ڪيو ويو. سلطان جي ساڄي پاسي ڪرسيءَ تي ولي عهد شهزادو ويٺل هو. سلطان ڪجهه گهڙين تائين سامهون بيٺل قيدي حڪمران کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ کيس مخاطب ٿي چيائين، "رومانوس! سچ پچ ٻڌائي ته جيڪڏهن مان تنهنجي

اڳيان قيديءَ جي حيثيت ۾ اچان ها ته تون مون سان ڪهڙو سلوڪ ڪرين ها؟"

رومانوس بيخوفيءَ سان جواب ڏنو، "مان توسان نهايت سختيءَ سان پيش اچان ها."

سلطان الپ ارسلان جي چپن تي هڪ مرڪ تري آئي، "۽ ها! تنهنجو ڇا خيال آهي، مان توسان ڪهڙو سلوڪ ڪندس؟"

رومانوس، سلطان جي چهري ڏانهن ڏٺو. پوءِ خيمي ۾ موجود ٻين فوجي سردارن ڏانهن ڏٺائين ۽ چيائين، "ٿي سگهي ٿو ته تون مونکي هتي ئي قتل ڪري ڇڏين. اهو به ٿي سگهي ٿو ته تون مونکي زنجيرن ۾ جڪڙي قيدي بنائي حڪومت جي ديگهه ۽ ويڪر ۾ گشت ڪرائين ۽ اهو به ٿي سگهي ٿو ته تون مون کان پنگ وٺي مونکي آزاد ڪري ڇڏين."

قسطنطنيه جي بادشاهه جون ڳالهيون ٻڌي الپ ارسلان جي دل ۾ هن لاءِ همدردي پيدا ٿي ۽ چيائين، "ها، سچ پچ توکي ڪا خبر ڪانهي ته تو لاءِ مون ڪهڙو فيصلو ڪيو آهي!"

ولي عهد شهزادي غور سان پنهنجي پيءُ ڏانهن ڏٺو. هن جون مٺيون بند ٿي ويون هيون. هن کي نيشاپور جي هڪ شاگرد جي پيشنگوئي ياد آئي، جنهن چيو هو ته "جنگ ۾ فتح مسلمانن کي ملندي، پر حڪمران ٻئي ماريا ويندا."

"مان نه رڳو توکان پنگ وٺندس، پر تنهنجي ملڪ کان جنگ جو خراج به وصول ڪندس ۽ توکي عزت ۽ احترام سان واپس تنهنجي ملڪ موڪليندس."

"سلطان جو اهو حڪم ٻڌي شهزادي سک جو ساهه کنيو. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن مخالف بادشاهه قتل ٿئي ها ته پوءِ يقينن انهيءَ شاگرد جي پيشنگوئي صحيح ثابت ٿئي ها ۽ هڪ حڪمران جي موت کانپوءِ ٻيو به ضرور مري ها.

سلطان الپ ارسلان جو فيصلو ٻڌي مخالف بادشاهه رومانوس دنگ رهجي ويو.

جنگ ختم ٿي چڪي هئي ۽ هاڻ انهن کي واپس نيشاپور موٽڻو هو.

عرب سپاهين جا دستا ته ڪافي عرصو اڳ واپس وڃي چڪا هئا. انهن پهاڙن ۾ هاڻ رڳو ترڪ سپاهين کي رهڻو هو.

عمر واپسيءَ تي پنهنجي دوست رحيم جي ڪاري گهوڙي تي سوار ٿيو ۽ پنهنجو گهوڙو رومي قيدياڻيءَ کي ڏنائين. انهيءَ قافلي ۾ ڪوڙ سارا رومي جنگي قيدي هئا، جن کي فاتحن جي غلام طور هاڻ زندگي گذارڻي هئي.

++++++

نيشاپور جي آباديءَ کان ٿورو پرڀرو درياهہ جي ڪناري تي پر ٿورو مٿاهينءَ تي هڪ قبرستان موجود هو. هر سال جيان هن پيري بہ بهار جي موسم ۾ زمين جو سينو چيري جهنگلي گل ۽ ٻوٽا ٽٽل ڦٽل قبرن ۽ رستن جي وچ ۾ اپري آيا هئا. هر طرف خوبصورت رنگ ٽڙيل هئا. قبرستان بہ ڄڻ تہ ڪنهن گلن جي باغ جهڙو ڏيک ڏئي رهيو هو.

اهو جمعي جو ڏينهن هو. مردن ۽ عورتن جا ٽولا معمول مطابق قبرن تي گل چاڙهڻ ۽ فاتحہ پڙهڻ لاءِ اتي موجود هئا. اهو وقت خاص ڪري عورتن لاءِ مقرر هو. مردن کي انهيءَ وقت ۾ قبرستان اچڻ کان روڪ ٿيل هئي.

قبرسيان ۾ موجود عورتن ۾ ياسمين بہ هئي. ڪتب فروش جي ڌيءَ، پر هوءَ هتي ڪنهن قبر تي گل رکڻ يا فاتحہ پڙهڻ نہ آئي هئي، پر هوءَ هتي پنهنجي محبوب عمر خيام سان ملڻ لاءِ آئي هئي. عمر خيام جنگ تان واپسيءَ کانپوءِ هڪ پيري ياسمين جي پيءُ جي ڪتابن واري دڪان وٽان گذرندي هن کي ملاقات جو اشارو ڏئي آيو هو. انهيءَ قبرستان جي پرسان هڪ ٻهاڙيءَ تي هڪ وڏو منارو بيٺل هو. انهيءَ مناري جي چوڌاري هڪ وڏي پٽ ڪنيل هئي، جيڪا هاڻ ڪافي هنڌن تان ٽٽي ڦٽي وئي هئي. اهو منارو ڪنهن دور ۾ درياهہ جي ڪناري جي نگرانيءَ لاءِ جوڙيو ويو هو. پر پوءِ انهيءَ جو استعمال ترڪ ويو ويو هو. هاڻ ڪڏهن ڪڏهن ڪو واٽهڙو ٿڪ پچڻ لاءِ ان جي ڇانوَ ۾ اچي ويهندو هو يا وري عمر خيام جهڙا ماڻهو راتين جو اتي اچي ان مينار تان سيارن ۽ ستارن جو مشاهدو ڪندا هئا.

ڪجهہ دير پنهنجي هڪ ساهيڙي ۽ عورتن سان وقت گذارڻ کانپوءِ ياسمين لڪڇپ ۾ قبرستان مان نڪري آئي ۽ مينار جي ٽٽل ڦٽل چوڌيواريءَ جي اندر اچي گاهہ تي سڌي ٿي ليٽي پئي ۽ آسمان تي اڏامندڙ ڪبوترن کي ڏسڻ لڳي. هن کي اتي ليٽندي اڃا ڪجهہ گهڙيون مس گذريون هونديون جو عمر خيام بہ اچي سندس پرسان ليٽي پيو. هن جي اکين ۾ هڪ عجيب قسم جي ٻک هئي. هن جي لاءِ ياسمين جا ڳورا ڳل، ڳاڙها چپ ۽ گهاٽا پرون عجيب ڪشش ۽ ڇڪ جو سبب بنجي رهيا هئا.

"ڇا پيو ڏسين؟" ياسمين هن کي مسلسل گهوريندي ڏسي چيو.

"خدا جي قدرت پيو ڏسان ۽ خدا سان دل ئي دل ۾ ڳالهائي رهيو آهيان. تنهنجي ۽ تنهنجي حسن جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان."

"هل ڪوڙا!" ياسمين پرسان ئي

"چولي تکڙ ڪرين. ٿوري دير ڪانيوءِ چنڊ ۽ ان سان گڏ هڪ تارو نڪرندو. اهو خوبصورت منظر ڏسي پوءِ وڃجانءِ." عمر خيام چيو.

"نه عمر! مونکي ناهي ڏسڻو اهو خوبصورت منظر." ياسمن شوخ انداز ۾ ٺهڪ ڏيندي چيو، "تون اڪيلو ئي هن نجوم واري مناري تي ويهي اهو منظر ڏسندو رهه. عمر توکي، هن قبرستان جي پرسان رات جو اڪيلو ويهندي ڊپ ناهي ٿيندو؟"

"ڇا جو ڊپ؟"

"جنن ڀوتن جو."

"جنن ڀوتن کان ڊپ ڇا جو؟ اهي سڀ ته منهنجا دوست آهن. اهي ڀوت ته مونکي اڳ ڪٿيون ٻڌائين ٿا ۽ ستارن جو حال احوال ڏين ٿا."

"مذاق ڇڏي، سچي ٻڌاءِ ته واقعي هتي ڀوت ايندا آهن؟" ياسمين تجسس مان پڇيو ۽ انهيءَ سان گڏ هوءَ ڀوتن جي خوف کان عمر کي اڃا به وڌيڪ ويجهو ٿي ويهي رهي. هن جون نظرون قبرستان ۾ ڦهليل قبرن تي هيون، جيڪي هاٿي اونداهيءَ ۾ گم ٿي ويون هيون.

خوف سبب هن سيسراٽ ڀريا ته عمر سندس چيلهه ۾ هٿ وجهي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. ياسمين هڪ ڪمزور مزاحمت ڪئي. هن جو ڪنڌ جهڪي ويو. سندس اکيون ٻوٽجي ويون. هڪ عجيب مدهوشي ۽ سرور هن تي ڇانئجي ويو. هن کي عمر خيام جي دل جي ڌڙڪن صاف ٻڌڻ ۾ اچي رهي هئي ۽ عمر خيام کي نه رڳو ياسمين جي دل جي ڌڙڪن، پر هن جي تيز ساهن سبب سندس سيني جي اڀارن جو هيٺ مٿي ٿيندڙ ڇهاءُ ۽ سندس جسم ۾ برندڙ شعلا ۽ اندر ۾ اٿندڙ طوفان ۽ زلزلو به صاف محسوس ٿي رهيو هو ۽ خود عمر جي اندر ۾ جيڪا اڄ ۽ اساٽ پريل هئي، ان جو ته بيان ئي مشڪل هو.

"عمر! منهنجا محبوب! منهنجا ديوتا! مونکي خوف محسوس ٿي رهيو آهي، بچان ٿي پنهنجو پاڻ کان!" ياسمين سرٻاٽن ۾ چيو ۽ هن جي ٻنهي هٿن عمر جي ڇهري کي پنهنجي پيالي ۾ ورتو.

عمر خيام به سرٻاٽن ۾ جواب ڏنو، "ياسمين.... ياسمين، مونڏانهن ڏس."

پر ياسمين جون اکيون بند هيون.

چنڊ ۽ پرسان وارو تارو هاڻي آڪاش تي نروار ٿي چڪا هئا. انهن ياسمين ۽ عمر خيال کي پيار جي مدهوشي ۽ سرور ۾ ٻڏل ڏٺو. تاري ۽ چنڊ کي گهوريندو ڏسي عمر خيام پنهنجي جسم ۾ مٺو مٺو درد محسوس ڪيو.

۽ پوءِ انهن ٻنهي جا وجود نرم ۽ شبنمي آڳ جي دونهين ۾ ويڙهجي

آهيان. مون لاءِ تہ هيءَ غرق ٿيل هڪ حقيقت آهي. آسمان وارو چنڊ تہ وري سياڻي بہ اڀرندو ۽ هن لاءِ رات جي ڪا اهميت ڪانهي."

"ها تون نيڪ پيو چوين دوست." عمر خيان چيو.

"هي ماڻهو...!" ڪبڙي چوڌرف ستل ماڻهن ڏانهن اشارو ڪندي چيو. "انهن ماڻهن مان هر هڪ جو ڪرڻ ڪو آقا ۽ مالڪ آهي. هڪ مالڪ مري ٿو تہ اهي وري ٻيو ڳولهي وٺن. پر مان.... مان جعفر آهيان، منهنجو آقا مونکان جدا ٿي ويو آهي. منهنجو آقا ڏاڍو شفيق ۽ مهربان هو. هو لاوارثن جو مددگار هو. غريبن جو همدرد هو. هو ايترو تہ عظيم انسان هو جو مون جهڙي مشڪري سان بہ پيار ڪندو هو. پر هاڻ هو هن فاني جهان کي هميشہ لاءِ ڇڏي ويو آهي. هاڻ مان سلطان الپ ارسلان جي وفات بعد ڪنهن جي ڇانوَ هيٺ رهيان؟ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي!"

"اوه! افسوس ٿيو. مونکي خبر ڪانہ هئي تہ سلطان الپ ارسلان فوت ٿي ويو آهي." عمر خيام چيو.

"ڪمال آهي، تون ڪهڙي دنيا ۾ گم هئين. توکي نيشاپور ۾ ٿيندڙ ايڏي وڏي سانحي جي ڪا خبر ڪانهي! اڄ صبنح جو تہ هن جو لاش سمرقند کان ڪٽي هتي پهتا آهن. منهنجو آقا ڏاڍو طاقتور ۽ مهربان هو. پر افسوس! موت کي پلا ڪير روڪي سگهيو آهي." جعفر جي اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا ۽ هو سچ پچ ڏکايل نظر اچي رهيو هو. پر سلطان فوت ڪيئن ٿيو؟" عمر خيان هن کان سوال ڪيو.

"ٽيڻو ڇا هو. منهنجي سلطان جي اڳيان هڪ قديءَ کي آندو ويو. اهو قيدي ڇا هو. ڪتي جو ڦر هو. ٻہ طاقتور سپاهي هن کي پڪڙي سلطان جي سامهون وٺي آيا هئا ۽ انهيءَ قيديءَ اتي بہ منهنجي آقا کي گهٽ وڌ ڳالهايو. سلطان ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجي ڪمان ڪنئي، تير ڪڍي ڪمان ۾ لڳايائين ۽ سپاهين کي پري هٽي بيهڻ لاءِ چيائين. پر ڇا چوان قسمت کي!" جعفر لڙڪ اگهندي چيو.

"منهنجو آقا اهڙو تيرانداز هو جو ان جو تير ڪڏهن بہ خطا نہ ٿيو هو. پر سندس زندگيءَ جو اهو پهريون موقعو هو جو هن جو هلايل تير گسي ويو ۽ انهيءَ ڪتي جي ڦر قيديءَ، جيڪو تمام گهٽو پهلوان هو، آقا تي حملو ڪري ڏنو. هن جي ڪپڙن ۾ زهريلو خنجر لڪل هو ۽ هن لاڳيتا ٻہ ٽي خنجر جا وار سلطان تي ڪيا. سپاهين يڪدم انهيءَ قيديءَ کي گرفتار ڪري ورتو. پر هن جو خنجر پنهنجو اثر ڏيکاري ويو ۽ آقا سلطان الپ ارسلان چار ڏينهن تائين زندگي ۽ موت جي ويڙهہ ڪندي نيٺ هن فاني

سوارن ۾ ڪتاب فروشن جي گھٽيءَ مان اينڊز ويندڙ ماڻهن کي ڏسڻ لڳو. پرسان ئي مدرسي ۽ مسجد ۾ به ڪافي چهل پهل هئي. اڄ پوري نيشاپور ۾ ڏاڍي گهماگهمي هئي. اڄ شهر جي هر جامع مسجد ۾ جمعي جي نماز جي خطبي ۾ سلطان الپ ارسلان جي سوڳوار موت جي اعلان سان گڏوگڏ ان جي پٽ ملڪ شاهه جي تاج پوشيءَ جو اعلان به ٿي رهيو هو. ملڪ شاهه کي ماڻهو "شينهن زادي" جي نالي سان به سڏيندا هئا. ملڪ شاهه کي ته اڃا ڏاڙهي به پوريءَ طرح نه آئي هئي. هو اڃا ننڍو هو، پر پيءُ جي، وفات کري ڪيس شاهي تخت ۽ تاج سنڀالڻو پيو هو.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ جي ڳالهه آهي ته هڪ همراه پٽ تي سٽل فقير جي پاسرائين ۾ لتون هڻندي چيو، "خيام ڪٿي پيو آواره گردي ڪندو وتي؟"

"عمر خيان حسينيه حمام ڏانهن ويو آهي، صفا هينئر هينئر." ايترو چئي فقير پنهنجو ڪشڪول هن جي آڏو جهليو. طوطش خان جي موڪليل همراه ڪشڪول ۾ خيرات وجهڻ بدران ٺڪ اڇلائي ۽ هليو ويو.

"تنهنجي جسم ۾ ڪيئان پون، خدا ڪري مرڻ ڪانپوءِ توکي ڪفن به نصيب نه ٿئي." فقير دل ئي دل ۾ هن کي بددعا ڏني."

"ڪجهه دير ڪانپوءِ طوطش خان جو همراهه عمر خيام کي ساڻ ڪري قلعي ڏانهن وڃي رهيو هو. قلعي جي شروعاتي آڳر ۾ اڌ ڪان وڌيڪ اميرن جا محافظ گهوڙن سميت بيٺل هئا. اتي ئي طوطش به بيٺل هو. طوطش، عمر خيام کي ڏسي ڊوڙندو وٽس آيو.

"خدا جو شڪر آهي، ملاقات جو وقت گذري وڃڻ جي باوجود اڃا تائين توکي نظام الملڪ ناهي سڏايو. نه ته مصيبت ۾ پئجي وڃين ها."

عمر خيام ڪان ڇرڪ نڪري ويو. هن کي حيرت ٿي ته آخر هتي هن کي گهرائڻ جو مقصد ڇا هو.

نظام الملڪ طوسي، الپ ارسلان جي موت ڪانپوءِ به بادشاهه جي حضور ۾ پنهنجي خاص وزير مملڪت واري عهدي تي برقرار هو ۽ هاڻي ته ڇڻ هو وڌيڪ اختيارن جو مالڪ بنجي ويو هو. هاڻي سواءِ فوج جي، هن سمورا اختيار پاڻ وٽ رکيا هئا.

طوطش، عمر خيام کي ساڻ وٺي ديوان خاني ۾ داخل ٿيو. هن نوڙي سلام ڪيو، سامهون نظام الملڪ بيٺو هو. نظام الملڪ ڪجهه گهڙين تائين عمر خيام جو جائزو وٺندو رهيو، پوءِ هڪ ڪاغذ ڪڍي ان کي ڏنائين ۽ چيائين، "تون ابراهيم جو پٽ آهين، رياضيءَ جو شاگرد

رهيو آهين. استاد علي بہ تنهنجو استاد رهيو آهي. جڏهن تون ڇوڪرو هئين تہ تو امام موفق کان فلسفي جا سبق پڙهيا هئا. ڪيئن نيڪ آهي نہ؟"

عمر خيام ڪمزور لهجي ۾ هائوڪار ڪئي تہ وري نظام الملڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"استاد عليءَ تنهنجي سفارش ۾ دربار ۾ هڪ خط موڪليو آهي ۽ چيو آهي تہ توکي قدرت عجيب و غريب صلاحيتن سان نوازيو آهي. تون ماڻهن جي مستقبل بابت اڳڪٿيون ڪري سگهين ٿو ۽ ستارن جي چال کي سمجهي سگهين ٿو. پر ياد رک، اصل طاقت الله وٽ آهي. انسان وٽ صلاحيتون خدا جون ڏنل آهن ۽ ها، جي تو ڪڏهن پنهنجين صلاحيتن جو غلط استعمال ڪيو تہ پوءِ توکي قيدخاني ۾ وڌو ويندو."

"پر سائين مان تہ شاگرد آهيان. مونکي نہ تہ دربار سان وابستگيءَ جو شوق آهي، نہ ئي ڪنهن انعام جي خواهش يا لالچ...."

نظام الملڪ کي ڇڻ تہ هن جي انهيءَ ڳالهہ تي اعتبار نہ ٿي آيو، پوءِ بہ هن، انهيءَ سرڪش نوجوان کي متاثر ڪرڻ لاءِ چيو، "مان سلطنت جو خاص وزير آهيان. سلطان ملڪ شاهہ جو خادم آهيان. ان لاءِ مان تو ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايان ٿو. ڇاڪاڻ تہ توکي ڪنهن صلي يا انعام جي لالچ ڪانهي. اي ابراهيم جا پٽ! مان توکان پڇان ٿو تہ ڇا توکي منهنجي سرپرستي قبول آهي؟ مان دشمنن کان تنهنجي حفاظت ڪندس علم جي حاصلات لاءِ توکي پئسا ڏوڪڙ ڏيندس."

عمر خيام جون اکيون انهيءَ مهربانيءَ سبب خوشيءَ هاڻن ڳوڙهن سان پرجي ويون. هن گهٽيل آواز ۾ چيو، "مونکي قبول آهي، توهانجي سرپرستي مونکي قبول آهي ۽ مون لاءِ سعادت جو سبب آهي."

"تہ پوءِ عمر خيام، مونکي تون پنهنجين ضرورتن کان آگاهہ ڪر تہ جيئن مان انهن کي پورو ڪري سگهان."

"مونکي هڪ رصد گاهہ جي ضرورت آهي. انهيءَ ۾ بغداد جي جڙيل هڪ اهڙي دوربيني بہ هجڻ گهرجي، جنهن جي گولائي ساڍن ڇئن فوٽن جي هجي. ان ڪانسواءِ مونکي ستارن بابت بطليموسي جدولون، جست جو نهيل هڪ آسماني سيارو، جنهن جي ڇوڏاري هڪ ڇلو ۽ هڪ برنڊز قنديل پيل هجي ۽ هڪ پاڻيءَ واري گهڙي بہ گهرجي."

نظام الملڪ، عمر خيان جي بيچيني ۽ جذباتي پٽي مان لطف اندوز ٿي رهيو هو، "نيڪ آهي مان سمجهي ويس. طوطش خان، هيءُ نوجوان عمر خيام تنهنجي حوالي آهي

هن جي ذاتي زندگي توڙي رصدگاهہ جون سمورين ضرورتون توکي پوريون ڪرڻيون پونديون. شاهي خزانچيءَ ڏانهن تحريري حڪم تنهنجي حوالي ڪيو وڃي ٿو." وري هن عمر خيام ڏانهن منهن ڪري چيو، "ها عمر خيام اها رصد گاهہ تعمير ڪٿي ڪبي؟"

"سائين! هتي ئي نيشاپور ۾، شهر کان ٿورو ٻاهر پراڻي قبرستان وٽ هڪ مينار جڙيل آهي، جيڪو ويران پيو آهي ۽ مان اڪثر اتان ستارن جو مشاهدو ڪندو آهيان. انهيءَ مينار وٽ رصد گاهہ ٺهندي."

نظام الملڪ، طوطش خان ڏانهن ڏٺو. طوطش خان چيو، "سڀاڻي ٽيهريءَ ڪانپوءِ سج لهڻ کان اڳ اهو مينار عمر خيام جي حوالي ڪيو ويندو."

ائين عمر خيام اتان خوشين ڀريا احساس کڻي هليو آيو.

انهيءَ رات عمر خيام انگورن جي باغ ۾ پاڻيءَ جي چشمي وٽ معمول موجب ياسمين سان ملاقات ڪئي. ان کي نظام الملڪ سان پنهنجي ملاقات جو احوال ٻڌايائين ۽ ياسمين کي چيائين، "هاڻي اسان ٻئي هڪ ٿي سگهون ٿا ۽ اتي ٻنا ڪنهن ڊپ ڊاءِ جي ملي سگهون ٿا، جو هاڻي اها جاءِ منهنجي پنهنجي آهي."

++++++

واعدي موجب طوطش خان اهو مينار عمر خيام حوالي ڪيو. هن مينار ۽ ان جي آسپاس واري علائقي جي صفائي سٿرائي ڪرائي هئي. مينار جو دروازو نئون لڳرائي انهيءَ تي تالو لڳائي، چابي عمر خيام جي حوالي ڪندي طوطش خان هن کي چيو، "هاڻي رصد گاهہ جي وڌيڪ تعمير جيئن تون چاهين، تيئن ڪرائي سگهين ٿو. ٻيو جيڪي ڪتاب، سامان توکي رصد گاهہ لاءِ گهرجي، اهو سمورو تفصيل سان لکي منهنجي حوالي ڪر. توکي هر شيءِ ملي ويندي."

اهڙيءَ طرح مينار کي رصد گاهہ بڻائڻ خاطر عمر خيام جي هدايتن تي ڪم جي شروعات ڪئي وئي.

ٻہ ماڙ رصدگاهہ تيار ڪئي وئي. پهرين منزل تي عمر خيام جي رهائش، مطالعي گاهہ ۽ مهمان خاني جي تعمير ڪئي وئي. ٻيءَ منزل تي رصد گاهہ جا اوزار ۽ تجرباتي سامان رکيو ويو. عمر خيام کي سموريون ضروري سهولتون ميسر ڪيون ويون هيون. اهڙيءَ طرح عمر خيام، انگورن جي باغ ۾ روزانو ياسمين کي آگاهہ ڪندو رهندو هو. هڪ ڏينهن ياسمين ان کان پڇيو، "آخر تو پنهنجي انهيءَ رصد گاهہ جو نالو ڇا رکيو آهي؟"

"آشيانہءِ رحمت. اهو نالو

نظام الملڪ اڳيان جوابده ٿيڻو پوي ها. طوطش خان، عمر خيام کي ٽارڻ وارو جواب ڏيندي چيو، "تو ڏاڍي دير ڪري ڇڏي آهي عمر خيام. اها ڳالهه ڪجهه عرصو اڳ ڪرين ها ته ڪو پلو ٿي وڃي ها. توکي خبر آهي ته هاڻي هن جو نڪاح پڙهجي ويو آهي ۽ ڪنهن جو به زوريءَ نڪاح نه ٿو ٽوڙائي سگهجي. وري به مان پنهنجا جاسوس موڪليان ٿو ته اهي پتو لڳائين ته ابوزيد جو قافلو ڪيڏانهن ويو آهي. ان ڪانپوءِ مان ابوزيد ۽ ياسمين کي گهرائيندس ته جيئن ابوزيد کي چوان ته ياسمين کي طلاق ڏي."

ٻئي ڏينهن طوطش خان کي جاسوسن اطلاع ڏنو ته انهن ابوزيد جو قافلو ڳولهي ورتو آهي، پر قافلي سان گڏ ابوزيد ۽ ياسمين ناهن. ابوزيد ڪنهن ٻئي قافلي سان گڏ ڪيڏانهن نڪري ويو آهي.

جاسوس ڪافي ڳولها جي باوجود اها ڄاڻ حاصل نه ڪري سگهيا ته ابوزيد ڪٿي آهي. طوطش کي آسرو هو ته اهڙا اطلاع ٻڌڻ ڪانپوءِ عمر خيام ماٺ ڪري ويهندو، پر نتيجو ان جي ابتڙ نڪتو. عمرخيام پاڻ ياسمين ۽ ابوزيد جي ڳولها ۾ نڪري ڪڙو ٿيو.

عمر خيام مختلف شهرن کان ٿيندو مشهد اچي پهتو هو. ڇاڪاڻ ته ابوزيد جو اصل وطن مشهد هو ۽ خيام کي پڪ هئي ته ابوزيد مشهد ضرور پهچندو.

عمر خيام جو حال ياسمين جي وڇوڙي سبب عجيب ٿي ويو هو. هن جا ڪپڙا ميرا هئا، مٽي ۾ مٽي پرچي وئي هيس. گرمي، بک ۽ اُڃ هن کي بيحال ڪري ڇڏيو هو. نيٺ عمر خيام عشق جي باهه ۾ پچرندي بيمار ٿي پيو. هن کي تيز بخار وڪوڙي ويو. بيماريءَ هن کي ڪمزور ۽ لاچار بنائي ڇڏيو هو. هن جي حالت ڏاڍي خراب ٿي وئي هئي. هو صفا رحم جوڳو بڻجي ويو هو. عمر خيام جي حالت ڏسي هڪ واپاريءَ کي هن سان همدردي ٿي پئي ۽ ان، هن کي واپس نيشاپور هلڻ جي صلاح ڏني. عمر اهڙي حالت ۾ اهو ئي بهتر ڄاتو ۽ هن کي اها به اميد هئي ته متان هاڻي ياسمين مائٽن سان ملڻ لاءِ واپس نيشاپور آئي هجي، سو نيشاپور ڏانهن روانو ٿيو.

نيشاپور پهچي عمر خيام کي وري به مايوسي پلئه پئي جو اتي ياسمين ڪانه هئي. هو پنهنجي رصدگاهه ۾ آيو ته حيران ٿي ويو. هن جو گهربل سمورو سامان، ڪتاب ۽ ضرورت جي هر شيءِ اتي موجود هئي ۽ هن لاءِ مقرر ڪيل خادم خاص به موجود هو. هن جو نوڪر هن لاءِ چانديءَ جي وٽي ۾ پاڻي ڀري آيو ۽

پاڻيءَ جا ڍڪ پريندي خيام ان کان سوال ڪيو، "مون لاءِ ڪو پيغام وغيره تہ ڪونہ آيو؟"

"يا خواجہ، آقاءِ طوطش خان پاران روزانو پيغام ايندا رهندا آهن. هو اهو ئي ڄاڻڻ پيو چاهي تہ توهان واپس ٻهتا يا نہ. مون هينئر ئي هڪ ماڻهوءَ هٿان طوطش خان ڏانهن نياپو موڪليو آهي تہ توهان واپس اچي ويا آهيو."

"ان کانسواءِ ڪنهن ٻئي جو ڪو پيغام؟"

"نہ سائين!" نوڪر جواب ڏنو.

عمر خيام پاڻيءَ جو خالي وٽو خادم کي ڏنو تہ ايتري ۾ هڪ اڇي ڏاڙهيءَ وارو پوڙهو شخص اتي اچي ويو. سلام دعا کانپوءِ خبر پئي تہ اهو بغداد جي نظاميہ مدرسي جو استاد ميمون الواسطي هو ۽ نظام الملڪ جي حڪم تي عمر خيام لاءِ بطليموسي جدول ۽ ٻيو سامان کڻي آيو هو. عمر خيام ان سان سردمهريءَ سان پيش آيو تہ اهو همراهہ مايوس ٿي هليو ويو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير طوطش خان، عمر خيام سان ملڻ لاءِ رصدگاهہ پهچي ويو. هن عمر خيام کي جذباتي انداز ۾ ڀاڪر پاتو ۽ چيو، "اف! تنهنجي حالت مان تہ ائين ٿو لڳي ڄڻ ڪو جوڳي ڪيترائي سال بريٽ لتاڙڻ کانپوءِ شهر ۾ واپس آيو هجي. آخر تون ڪيڏانهن گم ٿي ويو هئين؟ نظام الملڪ تنهنجي لاءِ پريشان آهي. هاڻي هلي ان سان مل تہ هن جي ڪاوڙ بہ ڪجهہ ڍري ٿئي. هن کي ڪجهہ ٻڌائڻ کانسواءِ تون ائين هليو وئين، اها ڪا سٺي ڳالهہ تہ ڪانهي."

عمر خيام هن جي سوال جو ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو، پر چيائين، "مونکي اهو ٻڌايو تہ منهنجي غيرموجودگيءَ ۾ ياسمين جو ڪو پيغام يا ڪو تحفو وغيره تہ ڪونہ آيو هو؟."

"نہ، هن تو لاءِ ڪو تحفو يا پيغام ناهي موڪليو. منهنجي جاسوس بہ هن کي هر پاسي ڳولهيو آهي، پر هن جي ڪا خبر چار ناهي پئي. تون ان هڪ ڇوڪريءَ لاءِ ڇو پريشان آهين؟ توکي پيون بہ ڪوڙ ساريون ڇوڪريون ملي سگهن ٿيون. عرب، هندي، ايراني ۽ چيني حسن جو شاهڪار ڇوڪريون! ان ڇوڪريءَ جو خيال دل مان ڪڍ ۽ پنهنجي رصدگاهہ تي توجهہ ڏي، جنهن لاءِ تو نظام الملڪ کي پنهنجو سرپرست مقرر ڪيو آهي. آخر ان رصدگاهہ مان تون ڇا ٿو حاصل ڪرڻ چاهين. اهو منصوبو هلي نظام الملڪ کي ٻڌاءِ."

"منصوبو صاف ظاهر آهي، مان سال جي نئين تقويم جوڙڻ ٿو چاهيان، جنهن سان اسان جو هڪ ڪلاڪ بہ

ضايع نہ ٿئي." عمر خيام چيو، "پر ان لاءِ مونکي رصدگاھ جي نئين سر جوڙجڪ ڪرائڻي پوندي. ڪاٺ جي منارن بدران سنگ مرمر جا ٿنڀا جوڙائڻا پوندا."

"پوءِ نيٺ عمر خيام جي نقشي موجب رصدگاھ ۾ ڪم شروع ڪيو ويو ۽ ڏينهن پنيان راتيون گذرينديون ويون، مهينا سال گذريا ۽ جڏهن ڪم مڪمل ٿي ويو تہ طوطش خان، نظام الملڪ کي اھو اطلاع ڏنو تہ رصدگاھ ھر لحاظ کان مڪمل ٿي وئي آھي" عمر خيام پنهنجي لاءِ پنج هيئتدان، نائبن طور چونڊي رکيا هئا. نظام الملڪ وقت جي بادشاھ ملڪ شاھ کي انهيءَ رصدگاھ جو معائنو ڪرڻ جي درخواست ڪئي، جيڪا بادشاھ قبول ڪئي.

جنهن ڏينهن ملڪ شاھ رصدگاھ جو معائنو ڪرڻ آيو، ان ڏينهن رصدگاھ کي انتهائي خوبصورت انداز سان سينگاريو ويو. بادشاھ سان گڏ مجلس شوريٰ جا ميمبر بہ هئا. عمر خيام، بادشاھ کي ڏٺو، اھو لڳ ڀڳ سندس همعمر هو. عمر خيام جي عمر پاويھ سال هئي ۽ بادشاھ جي عمر ويھ سال هئي. ٻنهي جي دلين ۾ جوش ۽ ولولو هو.

"چئو عمر خيام، توکي ڇا گهرجي؟"

"مان چاهيان ٿو تہ سلطان معظم مونکي پنهنجو نوڪر ڪري رکي. مان توهان جي خدمت ڪرڻ ٿو چاهيان."

"تنهنجي اها درخواست قبول ٿي، جيڳو هاڻي ڏيڪار تہ تو هن وقت تائين ڇا ڇا ڪيو آهي ۽ اڳتي ڇا ڪرڻ جو ارادو اٿئي؟"

سلطان ملڪ شاھ اٿي بيهي رهيو. سلطان ملڪ شاھ رصدگاھ جو معائنو ڪيو ۽ خيام جي وضاحتن کان ڏاڍو متاثر ٿيو. هو جڏهن واپس گهوڙي تي سوار ٿيو تہ هن خيام کي پرسان سڏ ڪيو ۽ چيائين "اڄ کان تون شاهي هيئتدان جي عهدي تي مقرر آهين. سڀاڻي توکي دربار ۾ سند ۽ خلعتِ فاخره عطا ڪئي ويندي."

پوءِ هن سرباڻ واري انداز ۾ چيو، "ڪڏهن ڪڏهن شاهي دربار ۾ منهنجي پرسان اچي ويهندو ڪر، سڄي ڳالھ اها آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن مونکي رهنمائي، ستارن جي چال ۽ پيشنگوئين جي ضرورت پوندي آهي."

ايترو چئي هن گهوڙي جو لغام ڍرو ڪيو ۽ بادشاھ جو گهوڙو هوا سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو.

ملڪ شاھ جي روانگيءَ ڪانپوءِ بہ نظام الملڪ موجود رهيو ۽ هو تنهائيءَ ۾ خيام سان ڳالهائيندو رهيو. خيام هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندو رهيو.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ خيام کي نظام الملڪ جو نياپو مليو تہ بادشاهہ حلب جي فتح لاءِ لشڪر ساڻ ڪري وڃي رهيو آهي، سو خيام بہ ملڪ شاهہ سان گڏ هلڻ لاءِ تيار ٿي وڃي.

خيام چيو تہ "مان پلا فوج ڪشيءِ مان ڇا ڇاڻان؟ مان ڇا هلي ڪندس؟"

نظام الملڪ چيو "ڇا توکي خبر ڪانهي تہ بادشاهہ توڙي هن جا وڏڙا ٿورڙا وهم پرست رهيا آهن ۽ جي ملڪ شاهہ کي ڪو اهڙو نجومي ملي ويو، جيڪو دشمنن سان مليل هوندو تہ ان جي غلط مشوري سبب بادشاهہ جو لشڪر تباهہ ٿي سگهي ٿو."

عمر خيام ڳالهہ کي سمجهڻ واري انداز ۾ ڪنڌ لوڏيو تہ نظام الملڪ کيس چيو، "مونکي خبر آهي تہ عمر خيام تون نجوم جي زائچن، پيشنگوئين ۽ ستارن جي انساني زندگيءَ تي اثر انداز ٿيڻ تي يقين نہ ٿو رکين. تون انهن کي ٻيءِ نظر سان ٿو ڏسين، پر پوءِ بہ تنهنجو اسان سان گڏ هئڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ تہ مونکي خبر آهي تہ ملڪ شاهہ ڪڏهن ڪڏهن توکان ڪجهہ معاملن بابت صلاح مشورو ڪري انهن معاملن بابت تون مهلت وٺي مون کان هدايت وٺي بادشاهہ کي ٻڌائيندين، ڇاڪاڻ تہ بادشاهہ ناتجربيڪار آهي ۽ مان سياست جو ڇاڻو ۽ ملڪ جو وفادار آهيان. سو مونکي خبر آهي تہ ڪهڙي وقت ڇا ڪرڻو آهي."

عمر خيام هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ چيو، "ائين ٿيندو، جيئن توهان چئو ٿا. مون تي يقين رکو."

عمر خيام دل ۾ خوش هو تہ هو بادشاهہ سان گڏ هن سفر ۾ ياسمين جي ڳولها ڪندو. هاڻي جڏهن هن وٽ دولت بہ آهي ۽ اختيار بہ تہ پوءِ پنهنجي محبوبہ کي هو سولائيءَ سان ڳولهي سگهيو ٿي. عمر خيام جي وڃڻ ڪانپوءِ نظام الملڪ، طوطش خان کي چيو "هاڻي اسان ملڪ شاهہ تي پنهنجو اثر رسوخ وڌيڪ تيزيءَ سان ڄمائي سگهون ٿا ۽ خيام جي معرفت هن کان پنهنجي مرضيءَ جا ڪم ڪرائي سگهون ٿا. هاڻي تون سمجهي ويو هوندين تہ اسان پنهنجن مقصدن لاءِ خيام کي ڪيئن استعمال ڪنداسين."

☆☆☆

هيءَ سن 1075ع جي ڳالهہ آهي جو ملڪ شاهہ، حلب ڏانهن ويندي فرات نديءَ جي ڪناري تي بابل جي تباهہ ٿيل کنڊرن ويجهو قيام ڪيو. اتان شاهي فوج کي ٻيڙين رستي درياهہ پار ڪرڻو هو. فوج انهيءَ سلسلي ۾ بادشاهہ جي حڪم جي منتظر هئي.

عمر خيام انهن کنڊرن ۾ گهمڻ

لڳو. جتي بابل جو شاندار شهر آباد هوندو هو ۽ عاليشان محل نهيل هوندا هئا. بابل جي انهن کنڊرن جي هڪ حصي کي، جيڪو ڪنهن وڏي محل جو آثر ٿي لڳو، صاف ڪري سنواري سينگاري بادشاهه جي دربار لاءِ تيار ڪيو ويو هو. ان رات جشن ٿي رهيو هو. بادشاهه جي تخت جي ساڄي توڙي کاٻي پاسي امير وزير موجود هئا ۽ خيام به انهيءَ قطار ۾ ويٺل هو. دربار جي وچ ۾ خالي جاءِ تي نوجوان ناچوئن جي ٽولي رقي ڪري رهي هئي. انهيءَ ٽوليءَ جو حبشي سربراهه ته چڻ پنؤر بنيل هو ۽ زبردست انداز ۾ نچي رهيو هو ۽ اهو ناچو، نچندو نچندو خيام جي آڏو انعام لاءِ هٿ جهلي بيهي رهيو.

عمر خيام کيسي مان چانديءَ جو هڪ سڪو ڪڍي هوا ۾ اڇليو. ان ناچوءَ اهو سڪو يڪدم چپن ۾ جهٽي ورتو.

"والله! تون ڪو جادوگر آهين اي ناچو." عمر خيام چيو.

"پڻو آهي ته اي ستاره شناس، تون مونکان به وڏو جادوگر آهين ۽ ماڻهن جا خيال پڙهي وٺين ٿو." ناچوءَ، خيام جي اکين ۾ اکيون وجهندي چيو." پوءِ اهو ٻڌاءِ ته ناچ ختم ڪرڻ کانپوءِ مان کهڙي دروازي کان ٻاهر ويندس. ڏسان ته تون ڪيتري طاقت رکين ٿو ماڻهن جا خيال پڙهڻ جي."

عمر خيام چاهيو ته رقاص جي انهيءَ سوال تي وڏو ٽهڪ ڏئي، پر ملڪ شاهه جي چهري تي سنجيدگي ڏسي هو ماٺ ۾ رهيو ۽ رقاص جي اکين ۾ ڏسندي چيائين، "واقعي تون معمولي ناچو آهين جو سلطان جي خاص هيئتدان عمر خيام کان اهڙو معمولي سوال پڇي رهيو آهين. ڪاغذ قلم آڻ ته مان تنهنجي سوال جو جواب ڪاغذ تي لکي رکان ٿو."

هڪ نوڪر ڪاغذ قلم خيام کي آڻي ڏنو. خيام ڪجهه لفظ ڪاغذ تي لکيا ۽ ملڪ شاهه ڏانهن اجازت طلب نگاهن سان ڏٺائين. پوءِ هو پنهنجي جاءِ تان اٿيو ۽ اهو ڪاغذ سنگمرمر جي هڪ وڏي پٿر هيٺان وڃي رکيائين. پوءِ پنهنجي جاءِ تي ويهي ناچوءَ کي مخاطب ٿي چيائين، "تون جنهن دروازي کان ٻاهر ويندين، مون انهيءَ جو نالو لکي ڇڏيو آهي."

رقاص جون اکيون چمڪڻ لڳيون. هن آسمان ڏانهن منهن ڪري خوشيءَ پري هڪ رڙ ڪئي ۽ اپرندي دروازي ڏانهن ڊوڙيو. هن جي پيرن، ٻانهن ۽ هٿن ۾ ٻڌل گهنگهرن جو عجيب آواز اڀريو. ڊوڙندي ڊوڙندي هو بيهي رهيو. هن فتح جو نعرو هنيو ۽ پوءِ ساڄي طرف مڙي هن هڪ پردو مٿي ڪنيو.

پردي پٺيان هڪ ننڍڙو لڪل

بدلجي مصري ٿي ويو هو. عمر خيام اندازو ڪيو تہ اهو شخص ڪيترون ئي ٻوليون ڄاڻي ٿو.

"تہ تون آهي عمر خيام، شاهي نجومي. لڳي ٿو تہ تنهنجي روح کي ڪو قرار ڪونهي، ان لاءِ تون هتي اشتر ديويءَ جي مندر ۾ ڀٽڪي رهيو آهين ۽ هڪ شاگرد سان گفتگو ڪري رهيو آهي."

"تون.... تون... ڪير آهي؟" عمر خيام سوال ڪيو.

"مان ابوالجبال، ري شهر جو رهواسي آهيان. منهنجو نالو حسن آهي، حسن بن صباح."

"جيڪڏهن تون شاگرد آهين تہ ڇا تو موت جو مطالعو ۽ مشاهدو ڪيو آهي؟" عمر خيام هن کان سوال ڪيو.

"مان ڪيترين ئي شين جي حقيقت ڄاڻڻ چاهيان ٿو. هيءَ ناچو، جنهن جو لاش تون ڏسي رهيو آهين، هيءَ ملڪ شاهہ جي خيمي جي ٻاهران درد جي شدت ۽ تڪليف سبب تڙپي رهيو هو. مون خنجر ذريعي هن کي موت جي ننڊ سمهاري تڪليف کان نجات ڏياري ڇڏي ۽ هتي ڪٺي آيس تہ جيئن ڳجهون ۽ ٻيا پکي هن جو گوشت کائين تہ جيئن خدا جي مخلوق کي انسان مان ڪو فائدو ملي. ٻر مونکي دوستن جي ڳولها آهي. شايد اهو اسان ٻنهي جي مقدر ۾ لکيل آهي، جيئن اسانجي وچ ۾ دوستيءَ جو رشتو قائم ٿئي."

عمر خيام ان نتيجي تي پهتو تہ ان همراهہ حسن بن صباح جو ڳالهائڻ جو انداز نہ مسلمانن جهڙو هو، نہ ئي سلطان جي درٻارين جهڙو، ٻر هن جي لهجي ۾ حاڪميت هئي. اهڙي حاڪميت جيڪا ملڪ شاهہ جي لهجي ۾ هئي.

"فيصلا تقدير نہ پر انسان ڪندو آهي. فيصلا انسان ڪري ٿو، جيڪو وقت جو ٻاندي آهي ۽ وقت ئي تقدير آهي. ان لاءِ فيصلا تقدير ڪندي آهي، ٻر ڇڏ، اهو بحث پوءِ ڪنداسين. هن مهل تارا جهڪا ٿي رهيا آهن. ڏاڍي دير ٿي وئي آهي. مونکي هاڻي وڃڻو آهي." اڃا هن اهو جملو مس چويو تہ هن جي چوڌاري وڪريل روشنيءَ جو گولو ۽ ٻنيان ايندڙ روشني وسامي وئي، پر حسن بن صباح بلڪل پريشان نہ ٿيو.

"فڪر نہ ڪر." هن عمر خيام جو هٿ پڪڙيو ۽ چيو، "مان هنن ڪنڊرن کان واقف آهيان."

عمر خيام، حسن بن صباح جي ٻنيان سوڙهي رستي تي هلندو رهيو. اهي, ٻئي واريءَ جي دڙي جي وچ ۾ پهتا. هتي ڏاڍي اونداهي هئي. ڪجهہ نظر نہ ٿي آيو، پر حسن بن صباح تڪڙو تڪڙو هلندو رهيو. اوچتو حسن بن صباح هن جو هٿ ڇڏي

ڏنو. عمر کي بلڪل خبر نہ پئي تہ حسن بن صباح ڪھڙي پاسي ويو. عمر خيام ڪجھ دير اتي ويھڻ ڪانپوءِ پنھنجي خيمي ۾ ھليو آيو. ھو حسن بن صباح جي ان انداز واري ملاقات بابت سوچي رھيو ھو. حسن بن صباح جي انداز مان ظاھر ھو تہ ھو بابل جي ڪنڊرن ۾ ھن جو انتظار ڪري رھيو ھو. پر ڇو؟ سوال جو جواب ھن وٽ نہ ھو. ھو بس ايترو ڄاڻندو ھو تہ اھا ملاقات ھن جي آزمائش ھئي.

ٻئي ڏينھن عمر خيام، ملڪ شاھ جي قافلي ۾ سيني ماڻھن کان حسن بن صباح بابت پڇيو، پر سيني ڪيس ناڪار ۾ جواب ڏنو. ملڪ شاھ پنھنجي فوج سان گڏ حلب ۾ ترسيل ھو. ھو يروشلم کي فتح ڪري چڪو ھو. ڪيترين ننيڙيون ننيڙيون ڳالھيون ھيون، جن سان ھن کي اندازو ٿيو تہ نظام الملڪ ڏور ھوندي بہ ھن جي نگراني ڪري رھيو ھو. ڪنھن اڻواقف ماڻھوءَ کي ھن ويجھو اچڻ نہ ٿي ڏنو ويو. ھڪ نوجوان ھندو منشي خاص ڪري ان مھل، جنھن مھل ھو اڪيلو ھوندو ھو، ھن وٽ ايندو ھو ۽ ھن سان نظام الملڪ جي ايندڙ خطن، جن ۾ نظام الملڪ ھن کي پنھنجن راين کان آگاھ ڪندو ھو، اھو ٻڌائيندو ھو تہ اھي ڪھڙا خطرا آھن، جن کان بچڻ ضروري آھي. انھن خطن مان عمر خيام کي اندازو ٿيو تہ مصر جي فاطمي خليفي جي قبضي مان بيت المقدس کي آزاد ڪرائڻ مسلمانن لاءِ نھايت ضروري ھو. ملڪ شاھ کي ھاڻي بغداد جي خليفي جي حمايت حاصل ھئي. بيت المقدس جي فتح ڪانپوءِ عمر خيام، ملڪ شاھ کان موڪلائي يروشلم ھليو آيو. بھانو اھو ڪيو ھئائين تہ يروشلم ۾ مقدس جاين جي زيارت ڪرڻ گھري ٿو. ھن جو اصل مقصد ياسمين کي ڳولھڻ ھو. ڇو تہ حلب ۾ ھن کي ياسمين يا مشھدي واپاري ابوزيد جي ڪا خبر نہ ملي ھئي. پوءِ بہ ملڪ شاھ ان شرط تي ڪيس موڪل ڏني ھئي تہ جيترو وقت ھو غير حاضر ھوندو، ان وقت جي حسان سان زائچي ۾ جيڪي ڏينھن ھن لاءِ سعد يا نحس ھوندا، اُن جي لکت ۾ لسٽ ناھي ڏيندو. ان سان گڏ ملڪ شاھ، عمر خيام سان گڏ شاھي جھنڊي ۽ مشڪي گھوڙن تي سوار درجن سپاھي ھن جي حفاظت لاءِ ڏنا. ھنن کي ملڪ شاھ ذاتي ھدايت ڪئي ھئي تہ سمھندي جاڳندي ھر وقت گھٽ ۾ گھٽ بہ ماڻھو عمر خيام جي نگراني ڪندا رھن، جيئن ھن کي اڪين کان پري ٿيڻ نہ ڏين. ھو عمر جي نگراني ڪندا سوڙھين گھٽين ۾ گھمندا رھيا. دمشق جي بازار ۾ عمر گھمندو رھيو ۽ ابو زيد بابت پڇا ڳاڇا ڪندو

رهيو. هتا هو بيت المقدس روانو ٿيو، جتي ملڪ شاھ جو سالار امير عزيز پنهنجي لشڪر سان گڏ يروشلم جي پاهران ترسيل هو. يروشلم ۾ عمر خيام گنبذ صفرا ويو. ۽ رڪعتون نفل پڙهي هو واندو ٿيو تہ هن جي ڪلهي تي ڪنهن هٿ رکيو. عمر خيام پنتي ڏٺو. هن جي پٺيان حسن بن صباح بيٺو هو.

"الله جو وڏو شان آهي. هن هتي مونکي پنهنجي دوست سان ملايو. عمر خيام توکي خبر نہ آهي ان گنبذ صفرا ۾ پهاڙن ڪانسواءِ ٻيو ڇا آهي؟"

حسن بن صباح جي چوڻ تي ٻيا ماڻهو بہ هن ڏانهن نهارڻ لڳا. عمر ۽ ٻيا ماڻهو هن ڏانهن وڌيا. "هي ڏسو!" هن پوري پٿر تي نهيل نشان ڏانهن اشارو ڪيو. "هي اسانجي آقا سرور ڪائنات ﷺ جي قدم مبارڪ جو نشان آهي. پاڻ انهيءَ جاءِ تان معراج تہ ويا هئا ۽ هن نشان جي ڇوڏاري جيڪي سوراخ آهن، اهي حضرت جبرئيل عہ جي هٿ سان ٺهيل آهن. هن پنهنجن هٿن سان ان پٿر کي پاڻ سڳورن ﷺ جي متان ڪرڻ کان روڪيو هو. اڇ!..." حسن صباح ايترو چئي هڪ پاسي هليو.

"هاڻي ڪيڏانهن؟" عمر خيام هن پٺيان هلندي چيو. حسن بن صباح ميڻ بتي ٻاري ۽ ڪجھ اڳتي هلي ڏاڪڻون لهي هڪ غار ۾ پهتو، جيڪو پيرو پهاڙ هيٺان هو.

"هي اهو غار آهي، جنهن ۾ قيامت جي ڏينهن لاءِ ترسيل روح گڏ آهن." اهو چئي هو هڪ ٿنڀي ويجهو آيو جنهن تي ڪوفي رسم الخط ۾ سوني پاڻيءَ سان هڪ ڳالھ لکيل هئي. "خدا ڪانسواءِ ڪو معبود ناهي. هن جو ڪو شريڪ ناهي. عيسيٰ عہ ابن مريم، الله جو پيغمبر آهي. اهو نہ چئو تہ ٽي خدا آهن. اهو توهان لاءِ بهتر آهي."

عمر خيام اها لکٿي پڙهي چيو. "اهي لفظ هڪ خليفتہ المسلمين هتي لکرايا هئا. ان ڪانپوءِ ڪجھ ماڻهن اهو ڏٺو ۽ هنن مان ڪجھ ماڻهن پڙهيو آهي ۽ انهن پڙهڻ وارن مان گهٽ ماڻهو اهڙا آهن، جن انهن لفظن کي سمجهيو آهي." ڪجھ دير اتي بيهڻ ڪانپوءِ حسن بن صباح، عمر خيام کي ٻاهر وٺي آيو.

"اڇ! توکي يروشلم جو سير ڪرايان." هو بيت المقدس جي رستن ۾ رودن تي عمر کي گهمائيندو رهيو. مختلف جاين ۽ عمارتن جي اهميت بابت ٻڌائيندو رهيو. هڪ جاءِ ۾ ٺهيل محراب ۽ دريءَ ڏانهن هن اشارو ڪندي چيو، "هيءَ اها جاءِ آهي، جتي رومي گورنر پونٽس پائي ليٽ يهودي پجارين کي خطاب ڪندي حضرت عيسيٰ عہ کي صليب تي چاڙهڻ جو حڪم ٻڌائي ڪيس سپاهين جي حوالي

ڪيو هو. اڄ حالت اها آهي تہ عيسائين کي بہ ياد ناهي تہ ڪين کهڙي پهاڙ تي صليب تي چاڙهيو ويو هو!"

هو اڳتي وڌيا. حسن بن صباح، يروشلم جي تاريخ ٻڌائيندو رهيو. هيءُ شهر بہ عجيب آهي! ڪيترا ڀيرا اجڙيو ۽ آباد ٿيو. ڪڏهن اولهہ کان ايندڙن هن کي فتح ڪيو، ڪڏهن اوير کان ايندڙن ان کي تباهہ ڪيو. هاڻي ملڪ شاهہ ان کي فتح ڪيو آهي. وري جلدي پيو ڪو ان کي فتح ڪندو."

حسن بن صباح ان سوال جو جواب ڏيڻ مناسب نہ سمجهيو. هو هڪ پاسي چوڪ ويجهو گڏ ٿيل ماڻهن ڏانهن وڌيو. هي هڪ ٽلهي ماڻهو آڏو گڏ ٿيا هئا. حسن بن صباح ان ماڻهوءَ کي سڏيو.

"وڃجؤ نہ! مان آقا سان گڏ آهيان. اڪروئي ناش ماڻهن کي چيو، وڃجؤ نہ، اتي بيهي انتظار ڪريو. توهانکي ان ستين جو قسم، جنهن جا پاڻ منتظر آهيون." ايترو چئي اڪروئي ناش، حسن ڏانهن آيو. اڪروئي ناش باادب ٿي پٺيان هلي رهيو هو. هاڻي هو بيت المقدس کان باهر هئا. حسن بن صباح، عمر خيام کي زيتون جو پهاڙ ڏيکاريو، جتي حضرت عيسيٰ عہ وعظ ڪندو هو. پوءِ هن ڪيس جهنم جي وادي ڏيکاري ۽ ٻڌايو تہ "روايت آهي تہ قيامت جي ڏينهن سڀ جهنمي ان واديءَ مان ميزان ڏانهن ويندا، جتي هنن جي عملن کي توريو ويندو."

حسن بن صباح مختلف جاين جو سير ڪرائيندي جيڪا گفتگو ڪئي هئي، ان مان عمر خيام اندازو لڳايو هو تہ حسن بن صباح جا عقيدا مسلمانن کان بنهہ جدا آهن. هو ڪنهن نئين مذهب جو منتظر هو. اها گفتگو جيڪا اجا تائين ٽڪرن ۾ هئي، ان جو اصل تت اهو هو تہ هن ڪائنات جو بنياد ست عددن تي آهي. يعني حضرت آدم عہ، حضرت نوح عہ، حضرت ابراهيم عہ، حضرت موسيٰ عہ، حضرت عيسي عہ ۽ حضرت محمد صہ ڇهہ پيغمبر آهن، جڏهن تہ اصل ۽ آخري حقيقت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ستون پيغمبر اجا اچڻ وارو آهي. حسن بن صباح ۽ عمر خيام جي ڳالهين کان تنگ ٿي عمر خيام سان گڏ ايندڙ ملڪ شاهہ جي هڪ محافظ چيو، "يا خواجہ! اوندهہ ٿي وئي آهي، بهتر آهي تہ قيام ڏانهن موٽي هلون."

"ها ها! توهان وڃو." حسن بن صباح چيو، "مان هتي ڏسندس. اڪروئي ناش تون عمر خيام سان گڏ وڃ." اهو چئي حسن بن صباح زيتون جي پهاڙن ڏانهن مٿي هليو ويو. عمر خيام سان گڏ هلندي اڪروئي ناش

ڏٺو تہ جڏهن محافظن ۾ هنن جي وچ ۾ ٿوري وٿي آهي تہ هن هوريان هوريان عمر خيام کي چيو "توهان لاءِ آقا حسن بن صباح مونکي هڪ خاص خبر پهچائڻ لاءِ موڪليو آهي."

"ڪهڙي خبر؟"

"اها ئي تہ توهان جنهن مشهدي واپاري ابوزيد جي ڳولها ۾ آيا آهيو، اهو ڪجهہ مهينا اڳ حلب ۾ پنهنجي زال سان گڏ هت ترسيو هو ۽ پوءِ ڏکڻ پاسي هليو ويو." اڪروئي ناش چيو.

"اها تو خوشخبري ٻڌائي. ڪهڙو انعام کپي توکي؟"

" مون کي پاڻ لاءِ ڪجهہ نہ کپي. منهنجي درخواست ايتري آهي تہ حسن بن صباح کي پنهنجو دوست سمجهو. شايد جلدي اهڙو وقت اچي، جڏهن آقا حسن کي توهانجي مدد جي ضرورت پوي. ان مهل دل کولي مدد ڪجؤ. مونکي بس ايترو چوڻو هو. هاڻي غلام کي موڪل ڏيو."

عمر خيام قيام ويجهو پهتو تہ هن کي اطلاع مليو تہ نظام الملڪ طرفان هن لاءِ خط آيو آهي. عمر خيام اهو خط کڻي پڙهيو. ان خط ۾ نظام الملڪ، عمر خيام کي ملحدن جي نئين فرقي کان هوشيار رهڻ لاءِ چيو هو. وزير سلطنت لکيو هو تہ هي ماڻهو هڪ نئين پيغمبر يا امام يا نئين مهديءَ جي اچڻ جي اوسيئڙي ۾ آهن. انهن جو چوڻ آهي تہ نئون مهدي يا امام يا پيغمبر اسلام جي اصولن کي رد ڪري ڇڏيندو. جو تہ هو پاڻ سان گڏ دنيا جو آخري يا ستون مذهب کڻي ايندو. هي ماڻهو لڪل طريقي سان پنهنجي عقيدي جي مشهوري ۽ تبليغ ڪن پيا. هي ملعون پنهنجي ڪوڙي عقيدي جي تبليغ ڪن ٿا. هنن کي اڇي رنگ جي ڪپڙا پاتل آهن. عمر خيام اڇي ريشم جي ڪپڙي تي لکيل ڳالهيون ٻيهر پڙهيون. عجيب اتفاق هو جو اڄ ئي هن جي ملاقات ملحدن جي حاميءَ سان ٿي هئي ۽ اڄ ئي نظام الملڪ جو خط مليو هو تہ هن کي هوشيار ٿيڻ گهرجي.

عمر خيام تڪڙ ۾ بيت المقدس کان حلب پهتو. ٽي چار ڏينهن چرين جيان حلب جي بازار ۾ اتان جي واپارين، سرائين مان حلب ايندڙ قافلن جي سالارن کان ابوزيد بابت پڇندو رهيو. پر ڪيس ڪا ڪاميابي نہ ٿ ي. اهو بہ اتفاق هو جو جمعي جي ڏينهن جامع مسجد ٻاهران مرحوم سلطان الپ ارسلان جو درباري مسخرو ڪوزه پشت جعفر هن کي فقير جي روپ ۾ ملي ويو. جعفر هن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. جعفر هن کي ٻڌايو تہ ابوزيد، ياسمين کي طلاق ڏئي ڪيڏانهن هليو ويو آهي ۽ هوءَ گهر جو خرچ پورو ڪرڻ لاءِ پنندي آهي.

"مونکي هن مهل ئي ياسمين وٽ وٺي هل. توکي خبر ناهي تہ مان

سپاٽي مان وار ٿاهيندس. اکين ۾ سرمون پائيندس. منهن تي لالڙي لڳائيندس ۽...." عمر هن کي ماٺ ڪرائي. هوءَ ماٺ ٿيندي ٿيندي بيهوش ٿي وئي. عمر کي هڪ پل چين نه هو. جعفر همٿ ڪري خيمي اندر آيو. هن، هڪ نظر ياسمين کي ڏٺو ۽ ڏپ ۾ چيو، "طاعون....!

"نه نه.... اهو طاعون ناهي. هلڪو بخار آهي." هڪ دفعو ٻيهر عمر ياڻ کي فريب ڏنو. "جعفر دعا ڪر! هي بخار صبح تائين لهي وڃي." ڏينهن گذري ويو، رات ٿي وئي.. سيءَ ڏاڍو هو. سيءَ گهٽ ڪرڻ لاءِ عمر خيام، ياسمين جي خيمي جي چوڌاري باهه ٻاري ڇڏي، پر ياسمين جي حالت ۾ ڪو سڌارو نه آيو. هوءَ بيهوشيءَ جي حالت ۾ پاسا ورائيندي رهي. عمر چرين جيان خيمي اندر ۽ ٻاهر چڪر لڳائيندو رهيو. جعفر قرآني آيتن جي تلاوت ڪندو رهيو ۽ رب پاڪ جي سڳورن نالن جو ورد ڪندو رهيو. صبح جي روشن خنجر، رات جي پردي کي چاڪ ڪيو ئي مس هو ته ياسمين آخري هڏڪي ڀري هڪ دنيا مان ٻيءَ دنيا ۾ هلي وئي. صحرا جو گل ڪومائجي ويو، پر عمر کي يقين نه آيو. ڪيڏو وڏو حادثو هن سان ٿيو آهي هو ماٺ ڪري ياسمين جي پرسان ويٺورهيو. جعفر خيمي ۾ اچ چيو، "قبر تيار آهي، دفن جون تياريون شروع ڪريون؟"

اڳين نماز کان پوءِ ياسمين کي دفنايو ويو. عمر خيام ان خيمي کي ساڙي ڇڏيو، جنهن ۾ ياسيمن جو موت ٿيو هو. هن باقي سائين کي موڪل ڏئي ڇڏي ته هو چاهين ته نيشاپور وڃن يا حلب هليا وڃن. سڀ ماڻهن جو فيصلو نيشاپور وڃڻ جو هو، جنهن ڪري قافلو سامان ساڻ ڪري دريا پار ڪري هليو ويو. فقط جعفر ۽ اڪروئي ناش، عمر خيام سان گڏ رهڻ جو فيصلو ڪيو. عمر ٽي ڏينهن انهيءَ جاءِ تي رهيو. هو صبح شام سهٽا سهٽا گل چونڊي ياسمين جي قبر تي وجهندو هو. منجهند جو تپندڙ ڌرتيءَ ڪري سڄي ڌرتي تپندي هئي ته پٽ جي ڇانوَ ۾ قبر جي ويجهو ويهي اڪروئي ناش جي ڪوڙي شراب پيئندو هو. هڪ دفعي جعفر کيس ٻڌايو ته کيس ايڏي شراب واپرائڻ ڪري ادب مان ٽوڪيندو به هو. عمر خيام کيس چيو، "اجيو رهڻ کان بهتر آهي ته شراب پيان."

اڪروئي ناش، عمر جي ذهن مان ان المناڪ سنگينيءَ کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. گهٽ سوال ڪندو هو ۽ ماٺ رهندو هو، پر ٽئين ڏينهن اڪروئي ناش اهڙو سوال

